# ميرن جي درٻار

سنڌ ۾ جڏهن ميرن جي حڪومت هئي، تڏهن مير مراد علي خان علاج لاءِ سن 1827ع ۾ ميرن ڪڇ مان هڪ انگريز عملدار ڊاڪٽر جيمس برنس، کي گهرايو هو. هن پنهنجي سفرنامي ۾ ميرن جي درٻار جي سُونهن ۽ نزاڪت جي تعريف ڪئي آهي. هُو لکي ٿو:

"تاريخ 20 نومبر تي آءٌ حيدرآباد پهتس، شهر مان لنگهندي مون کي ڏاڍو ڇهچٽو نظر آيو. هَشام ماڻهن جا منهنجي اچڻ جو ٻڌي، مون کي ڏسڻ لاءِ ميڙ ڪري آيا. سيئي منهنجي ڏوليءَ جي چوڌاري ٿي بيٺا. مرد تہ ڇڏيو پر مايون بہ مون کي ويڙهي ويون. ميرن جي سپاهين ماڻهن کي پوئتي هٽائڻ جي ڏاڍي ڪوشش ڪئي، پر انهن کي يورپي صاحب لوڪ جي مُنهن ڏسڻ تي ايڏي تہ دل هئي، جو سپاهين جا ڌڪ سَنائون، پر پُٺتي نہ هٽيا. آخر جڏهن مان قلعي جي دروازي وٽ آيس، تڏهن مون کي ميرن جي ڪچهريءَ ڏانهن نِيائون.

قلعي ۾ گوڙ ڪونہ هو، سانت لڳي پئي هئي. اجا سنهڙيون گهٽيون لتاڙي رهيس، تہ يڪدم هڪ وڏو اگڻ اڳيان آيو: جتي ڪيترائي سنڌي ماڻهو خوش پوشاڪ ويٺا هئا. ڀتين تي ڪمانگري ڇٽ هئا. پَٽ تي قسمين قسمين غاليچا ۽ فرش فروش وڇايا پيا هئا.

اگڻ جي هڪ پاسي وڏن مرغولن سان ٿي دروازا هئا.

جن جي اڳيان سائي ماهوت جا پردا ٽنگيل هئا. انهن مان هڪ دروازي وٽ مون کي ميرن جو وزير ۽ هڪ ٻيو عملدار وٺي ويا. اجا مون هيڏانهن هوڏانهن پئي نهاريو، ته اوچتو ميرن جي خدمتگار اچي منهنجو بوٽ لاٿو ۽ پوءِ مون کي ميرن جي منجهين وٽ وٺي هليا. اتي ڏاڍو عجيب نماءُ ڏسڻ ۾ آيو، جو مون کان ڪڏهن به نه وسرندو. ننڍي هوندي مون الف ليليٰ ۽ ٻين ڪتابن ۾ بادشاهن ۽ حاڪمن جي ڪچهرين جي تجمل ۽ ڏيک جا گهڻا بيان پڙهيا هئا، پر هينئر جو مون پنهنجي اکين سان ايڏي جلويدار ۽ شان شوڪت واري ڪچهري ڏٺي، سو ڏاڍو خوش ٿيس. چا ڏسان ته انهيءَ ڪمري ۾ ڏاڍا اُچا ۽ قيمتي ايراني غاليچا وڇايا پيا آهن. هڪڙي پاسي ڪيترا شڪيل ۽ اُچيون پوشاڪون پهريل مير ويٺل آهن ۽ انهن جي وچ ۾ ٻه مکيه مير، مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان، جن تي حڪومت جي پڳ هئي، گاديءَ تي چڙهيا ويٺا آهن. گاديءَ تي پَٽ ۽ زريءَ جو ڪم ٿيل هو ۽ ان جي چئني ڪُنڊن تي سونا جهاپا ٻڌل هئا. گاديءَ هيٺان هڪ وڏو سوسني بخمل جو گول وهاڻو رکيل هو، جنهن تي ڪُنڊيءَ جي پرت جا سونهري گل هئا. انهن ٻنهي ميرن جي پاسن کان سندن عزيز خويش ويٺل هئا، جهڙوڪ: مير صوبدار خان، مير محمد خان ۽ مير مراد علي خان جا پُٽ مير نصير خان ۽ مير نورمحمد خان. انهن کان ٿورو پريرو سندن مامو مير محمد خان ۽ ان جا پُٽ ويٺا هئا.

سپني ميرن جي پنيان خدمتگار، جن کي تراريون ۽ ڍالون هيون، سي چڱيون پوشاڪون پهريون بيٺا هئا. هر جاءِ صفائيءَ ۽ سنائيءَ ۾ بي مثال هئي. مان پائيندو هوس تہ هندستان جا ڏيهي راجائون، نواب، امير امراءَ ۽ سندن عهديدار ۽ خدمتگار پيڪيدار ۽ جرڪندڙ پوشاڪون، قيمتي هٿيار ۽ ٻيو سامان سڙو گهڻو لڳائيندا آهن، پر ڪين صفائي ۽ نزاڪت لاءِ گهڻو قدر ڪونهي.

ڪيترن هندو راجائن جي دربار ۾ مون ڏٺو هو تہ زري زريفت، سون ۽ جواهر جو ڏيک گهڻو هو، پر منجهن ميرن جي دربار جي صفائيءَ واري ڳالهہ ڪانہ هئي. ميرن جي دربار جي صفائي سُنائي ايتري هئي جو ڏسي مون کي تعجب وٺي ويو. جڏهن مان دربار جي صفي ۾ آيس، تڏهن سڀ مير مون کي اُٿي گڏيا. مون کي مير ڪرم علي خان ۽ مير مراد علي خان جي پرسان ويهاريائون.

پوءِ مون سان فارسيءَ ۾ گفتگو ڪرڻ لڳا. پهريائين خوش خير عافيت پڇي، منهنجي گهڻي مرحبا ڪيائون، پوءِ مير ڪرم علي خان مون کي چيو تہ "توهين اسان جا خاص مهمان آهيو. هر شيءِ توهان لاءِ موجود آهي."

مٿيون سمورو بيان ڏيکاري ٿو تہ سنڌ جا حاڪم مير ڪيڏا نہ سڌريل، نيڪ خصلت ۽ صفائيءَ ۽ سنائيءَ وارا هئا! جو يورپي عملدار ۽ ٻيا ڌاريا بہ سندن تعريف ڪرڻ مان نٿا ڍاپن.

## مشق

**(الف) هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

1- ميرن جي درٻار جو ذڪر برنس ڪھڙي ڪتاب ۾ ڪيو آهي؟
2- ميرن جي درٻار جو سٺاءُ ڪھڙي قسم جو هو؟
3- ميرن جي پوشاڪ ڪھڙي قسم جي هئي؟
4- ميرن جي اخلاق بابت برنس ڇا لکيو آهي؟

**(ب) هيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڇھڇٽو – هَشام – سانت – نماءُ – شڪيل.

**(ج) هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| تعريف | | گل | |
| مرد | | پرپرو | |
| آخر | | ڏيھي | |
| گوڙ | | مھمان | |
| اُڇا | | ڏاريا | |

**(د) هيٺئين جملي مان ضمير ڳوليو:**

آءٌ آيس، پر تون نہ هئين.